# اسان ملائڪن جھڙيون
# صفتون ڪيئن اپنايون ؟

22-December-2022



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

22 ڊسمبر، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اسان ملائڪن جهڙيون صفتون ڪيئن اپنايون؟

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... ملائڪ ۽ علمِ دين جو شوق

✿... ملائڪن جا 4 مسئلا

✿... ملائڪن جي پيدائش جو مقصد

✿... ملائڪ نماز جي لاءِ جاڳائيندا آهن

✿... ملائڪ نيڪي جي دعوت ڏيندا آهن

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دُرود شريف جي فضيلت

سيپارو: 22، سورة احزاب، آيت: 56 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓىٕكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَ سَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾

(سيپارو: 22، سورة احزاب، آيت: 56)

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ الله ۽ ان جا ملائڪ نبي تي درود موڪلن ٿا. اي ايمان وارؤ! ان تي درود ۽ خوب سلام موڪليو.

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ ڪريمه ۾ ٻڌايو ويو ته الله پاڪ پنهنجي پياري ۽ محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درود موڪليندو آهي ۽ ملائڪ به پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درود شريف موڪليندا آهن.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ملائڪ پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درود موڪليندا آهن، ان سان گڏوگڏ مختلف ملائڪن جي درودِ پاڪ جي باري ۾ مختلف ذميداريون (*Responsibilities*) به آهن جهڙوڪ ❁ دنيا ۾ جڏهن به، جتي به ڪو عاشقِ رسول، غلامِ مصطفٰي درود پڙهندو آهي ته ملائڪ ان تي به درود

موڪليندا آهن ❁ ڪجهه ملائڪ اهي آهن جو جڏهن خميس جو ڏينهن ايندو آهي تہ هو سون جا قلمَ ۽ چاندي جا ڪاغذ (***Gold Pen & Silver Foil***) ڪٽي ڪري لهندا آهن، ان دوران جيڪو بہ عاشقِ رسول پاڪ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درود شريف موڪليندو آهي، ملائڪ ان جو درود لکي وٺندا آهن (ڪنزالعمال، ڪتاب: الاذڪار،جز:1، جلد:1 ،صفحہ:250، حديث:2174)۔ ❁ حديث پاڪ جي مطابق 2 ملائڪ اهي آهن، جن جي الله پاڪ ذميداري لڳائي ڇڏي آهي تہ دنيا ۾ جڏهن بہ جتي بہ ڪو عاشقِ رسول درودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ اهي ملائڪ ان کي دعا ڏيندا آهن: الله پاڪ تنهنجي بخشش فرمائي (معجمِ ڪبير،جلد:2،صفحہ:218 ،حديث:2687)۔ ❁ ڪجهه ملائڪ اهي آهن، جن جي ذميداري آهي تہ اهي زمين تي هلندا ڦرندا رهندا آهن، جڏهن بہ ڪنهن عاشقِ رسول کي درود پاڪ پڙهندي ڏسندا آهن تہ ان جو درود شريف بارگاهِ رسالت ۾ پهچائيندا آهن (نسائی،کتاب: السھو،باب:السلام علی النبی صَلَّى الله عَلَيْهِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم ،صفحہ:219 ،حديث:1279)۔

❁ حضرت ڪعب رَضِیَ اللہُ عَنْهُ فرمائن ٿا: ڪا فجر اهڙي طلوع ناهي ٿيندي پر 70 هزار ملائڪ لهندا آهن ۽ پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نوراني روضي وٽ گڏ ٿيندا آهن، خوشي مان پنهنجا پَرَ لوڏيندا آهن ۽ شام تائين پاڪ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درودِ پاڪ موڪليندا رهندا آهن، جڏهن شام ٿيندي آهي تہ هي فرشتا واپس موٽي ويندا آهن، پوءِ اوترا ئي ملائڪ بيا ايندا آهن، اهي صبح تائين بارگاهِ رسالت ۾ درودِ پاڪ عرض ڪندا رهندا آهن.

( سنن الدارمی،باب :ما اکرم اللہ تعالٰی نبیہ ، صفحہ:59 ، حديث:95ملتقطًا)۔

سيّدي اعلٰي حضرت، امامِ اهلِ سنّت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حدائقِ بخشش ۾ فرمائن ٿا:

سَتّر ہزار صبح ہیں، سَتّر ہزار شام
یُوں بندگیِ زُلف ورُخ آٹھوں پہر کی ہے

جو ایک بار آئے دوبارہ نہ آئیں گے
رُخصَت ہی بارگاہ سے بس اس قدر کی ہے

مَعصُوموں کو ہے عُمر میں صرف ایکبار بَار
عاصی پَڑے رہیں تو صَلا عُمر بھر کی ہے

(حدائقِ بخشش،صفحہ:220-221ملتقطاً۔)

وضاحت: اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو هي شان آهي جو 70 هزار ملائڪ صبح جو ۽ 70 هزار شام جو حاضر ٿي ڪري درودِ پاڪ جا نذرانا پيش ڪندا آهن، شانِ رسالت جو ڪمال ته ڏسو جيڪي ملائڪ هڪ ڀيرو حاضر ٿي ويا، هاڻي اهي ٻيهر قيامت تائين انهن جي واري نه ايندي. جن کي صرف هڪ ڀيرو ئي بارگاهِ رسالت ۾ حاضري جي اجازت نصيب ٿيندي آهي ۽ اسان غلامن تي چا ته ڪرم نوازيون آهن؟ ڪو هڪ ڀيرو اچي، يا هزار ڀيرا اچي، چاهي سڄي زندگي مصطفيٰ جي دروازي تي پيو رهي، ڪا منع (***Restriction***) ناهي،

اي عاشقانِ رسول! هي ملائڪ آهن، جيڪي الله پاڪ جي پياري محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درودن جا گُلَ ڇٽيندا آهن، ڪاش! اسان غلامَ به همت ڪيون، پنهنجي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي خوب ڪثرت سان درود شريف پڙهندا ڪيون. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ذِکر ودُرود ہر گھڑی وِردِ زَباں رہے | میری فُضُول گوئی کی عادَت نِکال دو!

(وسائل بخشش، صفحه:305ـ)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيَّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾

داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنيون سنيون نيتن سان ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري ونون ٿا، مثال طور نيت ڪريو!

❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دروان سُستي کان بچندس ❁ نهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ملائڪ ۽ علمِ دين جو شوق

علّامہ عمر بن احمد آفندي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه قصيده بُرده شريف جي شرح ۾ لکن ٿا: ڪجھ ملائڪ 1000 سالن کان چند علمي مسئلن تي بحث ڪري رهيا هئا پر انهن جا هي مسئلا حل نہ ٿي رهيا هئا، پوءِ جڏهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دنيا ۾ تشريف ڪٽي آيا تہ ملائڪن چاٽي ورتو تہ هي اهي ئي هستي آهن جيڪي اسان جا علمي مسئلا حل فرمائيندا، بهرحال ملائڪن نهايت عاجزي سان (*Modestly*) دعا ڪئي، الله پاڪ انهن جي دعا قبول فرمائي ۽ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي معراج جي لاءِ گهرايو.

هاڻي ان کان اڳيان ڇا ٿيو: ان بابت پاڻ اسان جي پياري آقا محمد مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ فرمان ٻڌو! پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مون پنهنجي ربَّ کي تمام سهڻي صورت ۾ ڏٺو، الله پاڪ فرمايو: اي محبوب (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ)! ملائڪ ڪهڙن مسئلن ۾ بحث (*Discussion*) ڪري رهيا آهن؟ مون عرض ڪيو: اي الله پاڪ! ڇئن مسئلن ۾، ملائڪ انهن کي

---

[1] ... مسند فِرْدَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

حل نہ پئي ڪري سگهيا، الله پاڪ فرمايو: اي پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان سچ چيو، هاڻي الله پاڪ ملائڪن کي فرمايو: يَا مَلَائِكَتِي! وَجَدْتُّمْ حَلَّالَ الْمُشْكِلَاتِ اي منهنجا ملائڪؤ! توهان مشڪلات کي حل ڪرڻ واري کي حاصل ڪري ورتو آهي، فَاسْئَلُوْا اَشْكَالَكُمْ يعني اهي مسئلا جن کي توهان حل (*Solve*) نہ پئي ڪري سگهيا، اچ منهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان اهي مسائل پڇي وٺو...!!

## ملائڪن جا 4 مسائل

پيارا اسلامي ڀائرو! ملائڪن جا اهي 4 مسائل ڪهڙا هئا جن ۾ هو هزار سالن کان غور ۽ فڪر ڪري رهيا هئا؟ حديثِ پاڪ ۾ آهي: جڏهن الله پاڪ ملائڪن کي فرمايو تہ اي ملائڪؤ! اچ اسان جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان پنهنجا مسئلا پڇي وٺو تہ سڀ کان پهريان حضرت اسرافيل عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: مَا الْكَفَّارَاتُ يعني (يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ!) ڪَفّارات (گناهن کي مٽائڻ واريون شيون) ڪهڙيون آهن؟ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: (1): مشڪل وقت (يعني جڏهن وضو ڪرڻ ڏکيو لڳي رهيو هجي، مثال طور سخت سردي هجي، ان وقت) ڪامل وضو ڪرڻ (2): نمازِ باجماعت جي لاءِ پيادل هلي ڪري وڃڻ (3): ۽ هڪ نماز کان بعد ٻيءَ نماز جو انتظار ڪرڻ.

هاڻي حضرت ميڪائيل عَلَيْهِ السَّلَام ٻيو مسئلو عرض ڪيو: وَمَا الدَّرَجَاتُ (يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ!) درجا (بلند ڪرڻ وارا عمل) ڪهڙا آهن؟ رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: (1): اِطْعَامُ الطَّعَامِ کاڌو کارائڻ (2): وَ اِفْشَاءُ السَّلَامِ سلام عام ڪرڻ (3): وَالصَّلَاةُ بِاللَّيْلِ وَالنَّاسُ نِيَام رات جو جڏهن ماڻهو سمهي رهيا هجن، ان وقت نماز پڙهڻ. (هي ٽئي ڪم ڪرڻ واري جا درجا بلند ٿيندا آهن).

ملائڪن جا 2 مسئلا حل ٿي ويا، هاڻي حضرت جبريل اَمين عَلَيْهِ السَّلَام ٿيون

مسئلو پيش ڪيو: (يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ!) نجات ڏيارڻ واريون شيون ڪهڙيون آهن؟ محبوبِ ربّ، سلطانِ عرب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: (1): خَشْيَةُ اللهِ فِي السِّرِّ وَ الْعَلَانِيَةِ اڪيلائي ۾ سيني جي سامهون (هر حال ۾) الله پاڪ کان ڊڄندو رهڻ (2): وَالْقَصْدُ فِي الْفَقْرِ وَ الْغِنٰى تنگي ۽ آساني، غربت ۽ مالداري (يعني هر حال ۾) مِيانه روي اختيار ڪرڻ (3): وَالْعَدْلُ فِي الْغَضَبِ وَالرِّضٰى يعني ڪاوڙ جي حالت هجي يا خوشي جي ڪيفيت هجي (هر حال ۾) انصاف قائم رکڻ.

هي ٽي مسئلا حل ٿي ويا، هاڻي حضرت عزرائيل عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: وَ مَا الْمُهْلِكَاتُ (يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ!) هلاڪت ۾ وجهڻ واريون شيون ڪهڙيون آهن؟ فرمايائون: (1): شُحٌّ مُطَاعٌ ڪنجوسي جنهن جي پيروي ڪئي وڃي (2): وَ هَوًى مُتَّبَعٌ خواهش جنهن جي اتباع ڪئي وڃي (3): وَ اِعْجَابُ الْمَرْءِ بِنَفْسِهٖ ۽ پاڻهي جو پاڻ کي چڱو سمجهڻ (يعني خود پسنديءَ جو شڪار ٿي وڃڻ).

(ترمذی، کتاب تفسیر القرآن، صفحہ:747، حدیث:3234بتغیر قلیل۔قصیدۃ البردۃ مع شرحہا عَصِیْدَۃُ الشُّہْدَہ، صفحہ:236-237 ملتقطاً۔)

سُبْحٰنَ اللّٰه! ڇا ته شان آهي اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو...!! ملائڪ 1000 سالن کان جن مسئلن ۾ بحث ۽ تڪرار ڪري رهيا هئا، ڪين انهن مسائلن جو حل نه ملي رهيو هو، رسولِ خدا، احمدِ مجتبٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن منٽن ۾ اهي مسئلا حل فرمائي ڇڏيا.

مشکل جو سر پہ آ پڑی، تیرے ہی نام سے ٹلی | مشکل کشا ہے تیرا نام، تم پر درود اور سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪاش! علمِ دين جو شوق ملي وڃي

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! ملائڪ علمِ دين جو ڪيڏو شوق رکن ٿا. 1

هزار سال تائين ملائڪ علمي مسئلن ۾ غور ۽ فڪر ۽ پاڻ ۾ بحث مباحثو ڪندا رهيا.

افسوس! اسان کي سُني ڪان سُنو موبائل خريد ڪرڻ جو شوق آهي ❁ فيس بڪ (***Facebook***) جو شوق آهي ❁ يوٽيوب (***You Tube***) تي وقت برباد ڪرڻ جو شوق آهي ❁ سَستي شهرت جو شوق آهي ❁ اجايو گھمڻ ڦرڻ جو شوق آهي ❁ ۽ خبر ناهي اسان ڪهڙا ڪهڙا شوق پالي رکيا آهن، ڪاش! اسان کي علمِ دين (***Religious Knowledge***) جو شوق نصيب ٿي وڃي.

## ملائڪ جي نصيحت

علمِ دين جو شوق رکڻ وارن عظيم صحابہِ ڪرام مان هڪ عظيم صحابيءِ رسول حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هر شخص جي دروازي تي 2 ملائڪ مقرر هوندا آهن، جڏهن اهو گهران نڪرندو آهي ته ملائڪ چوندا آهن: عالِم ٿيءُ يا طالبِ علم بڻجي وڃ...!! ٿيون نه بڻجانءِ.

(كنز العمال،كتاب :العلم،جز:10 ،جلد:5 ،صفحه:73 ،حديث:28868۔)

الله پاڪ اسان کي فرشتن جي ان نصيحت (***Advice***) کي قبول ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

زندگی ہو مِری پروانے کی صورت یا ربّ! | علم کی شمع سے ہو مجھ کو محبت یاربّ!

(کلیات اقبال، بانگ درا، حصّہ اوّل، صفحہ:65 ۔)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ملائڪن جو تعارف

اي عاشقانِ رسول! ملائڪ بہ الله پاڪ جي مخلوق آهن ❁ هي الله پاڪ جا فرمانبردار (*Obedient*) آهن ❁ الله پاڪ انهن کي نورَ مان ناهيو آهي ❁ ۽ انهن کي هيءَ طاقت عطا فرمائي آهي جو هُو جيڪا شڪل چاهين اختيار ڪري سگهن ٿا ❁ ملائڪ ڇاڙي واڙي يا ويسَر ۾ ڪڏهن بہ الله پاڪ جي نافرماني ناهن ڪندا ❁ صرف اهو ئي ڪم ڪندا آهن جنهن جو الله پاڪ انهن کي حڪم ڏيندو آهي ❁ سڀ ملائڪ معصوم آهن (يعني انهن کان گناه ٿيڻ شرعاً ناممڪن آهي)، لهٰذا هي هر قِسم جي ننڍن وڏن گناهن کان پاڪ آهن.(بہارِ شريعت،جلد:1 ،صفحہ:90 ،حصہ:1 بتغير قليل۔) ڪُل ملائڪ ڪيترا آهن؟ انهن جو تعداد الله پاڪ کي معلوم آهي يا الله پاڪ جي عطا سان ان جا پيارا محبوب صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڄاڻين ٿا. (بہارِ شريعت،جلد:1، صفحہ:94 ،حصہ:1 بتغير قليل۔) اسان کي هي حڪم آهي تہ اسان سڀني فرشتن تي ايمان آڻيون، يعني اسان جو عقيدو هي هجڻ گهرجي تہ جيترا ملائڪ آهن، اسان سڀني تي ايمان آڻيون.

## ملائڪن جي باري ۾ اسلامي عقائد

بهارِ شريعت ۾ آهي: ❁ ملائڪ نہ مرد آهن نہ عورت ❁ (بہارِ شريعت،جلد:1 ،حصہ:اول ،صفحہ:93۔) ❁ ڪنهن ملائڪ جي معمولي گستاخي ڪفر آهي ❁ جاهل ماڻهو پنهنجي ڪنهن دشمن (*Enemy*) يا ناپسنديده شخص کي ڏسي ڪري چوندا آهن: مَلَڪُ المُوت اچي ويو، هي جملو ڪفر جي ويجهو آهي ❁ ملائڪن جي وجود جو انڪار ڪرڻ يا هي چوڻ تہ ملائڪ نيڪي جي قُوت کي چوندا آهن، ان کانسواءِ ڪجهه ناهي، هي ٻئي ڳالهيون ڪفر آهن.

(بہارِ شريعت،جلد:1 ،صفحہ:95 ،حصہ:1 بتغير قليل۔)

# ملائڪن جي پيدائش جو مقصد

حضرت عبدُ اللہ بن عَمرو بن عاص رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائي ٿو: يعني اللہ پاڪ ملائڪن کي پنهنجي عبادت جي لاءِ پيدا ڪيو آهي.

(التاريخ الكبير،جلد:2،صفحه:10،رقم:1517۔)

معلوم ٿيو: جيئن اسان انسانن ۽ جنن جي پيدائش ان ڪري آهي تہ جيئن اسان اللہ پاڪ جي عبادت ڪيون، ايئن ئي ملائڪ بہ اللہ پاڪ جي عبادت جي لاءِ بڻايا ويا آهن، باقي! ڪجهہ ملائڪن جي ذمي مختلف ڪمَ (*Task*) لڳايا ويندا آهن، مثال طور ❁ ڪنهن ملائڪ جي ذمي مينهن وسائڻ جو ڪم آهي ❁ ڪنهن جي ذمي هوا هلائڻ ❁ ڪنهن جي ذمي ٻانهن تائين رزق پهچائڻ ❁ ڪنهن جي ذمي ذِڪر جي حلقن ۾ حاضر ٿيڻ ❁ ايئن ئي ڪوڙ ڪمَ آهن جيڪي ملائڪ انجام ڏيندا آهن.

# ملائڪن جي پيدائش جا مختلف انداز

پيارا اسلامي ڀائرو! ❁ ملائڪن جي پيدائش جو طريقو اسان انسان جهڙو ناهي ❁ يعني انسان پهريان رتُ جو ڦِڪُ (*Blood Clot*) هوندو آهي ❁ پوءِ گوشت بڻجندو آهي ❁ پوءِ عضوا مڪمل ٿيندا آهن ❁ پوءِ ان ۾ روح وڌو ويندو آهي، پوءِ پورو انسان نهي ڪري دنيا ۾ ايندو آهي ❁ آهستہ آهستہ وڏو ٿيندو آهي ❁ ملائڪن جو معاملو ايئن ناهي ❁ ملائڪن کي اللہ پاڪ ڪلمہءِ ڪُن سان پيدا ڪندو آهي، يعني اللہ پاڪ فرمائيندو آهي: ٿي وڃ! تہ ملائڪ پيدا ٿي ڪري پنهنجي ڪم ۾ مصروف (*Engross*) ٿي ويندو آهي ❁ ملائڪن جي پيدائش هاڻي بہ جاري آهي ۽ انهن جي پيدائش جا مختلف انداز آهن مثال طور ❁ چوٿين آسمان تي هڪ ملائڪ آهي، جنهن جو نالو روح آهي، هي ملائڪ

روزانو 12 هزار تسبيحون پڙهندو (يعني الله پاڪ جي پاڪائي بيان ڪندو) آهي، ان ملائڪ جي هر تسبيح مان هڪ ملائڪ پيدا ٿيندو آهي. (تفسيرِ طبری،پاره:30،سورۂ نباء،زيرِ آيت:38، جلد:12، صفحہ:415 ملتقطًا)۔ ❁ حديث شريف ۾ آهي: جنّت ۾ هڪ نهر آهي، حضرت جبريلِ اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام روزانو ان نهر (***Canal***) ۾ ويندا آهن، پوءِ ٻاهر اچي ڪري پَرَ ڇنڊيندا آهن تہ هر قطري مان هڪ ملائڪ پيدا ٿيندو آهي. (مسند فردوس،جلد:5، صفحہ:486، حديث:8842۔) ❁ ايئن ئي ٻانهن جي نيڪ اعمال مان بہ ملائڪ پيدا ٿيندا آهن، شيخ مُحيُ الدّين ابنِ عربي رَحۡمَۃُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هر چڱو ڪلام ۽ چڱو ڪم ملائڪ بڻجي ڪري آسمان جي طرف بلند ٿي ويندو آهي. (اليواقيت و الجواہر،المبحث التاسع عشر فی الکلام ...الخ،جز:1، صفحہ:151)۔ ❁ حديث پاڪ ۾ آهي: پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو ٻانهو منهنجي تعظيم جي لاءِ درودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ اللّٰه پاڪ ان درودِ پاڪ مان هڪ ملائڪ پيدا فرمائيندو آهي، ان جو هڪ پَر مشرق (***East***) ۾ ۽ ٻيو پَر مغرب (***West***) ۾ هوندو آهي، ان ملائڪ کي حڪم ٿيندو آهي: جيئن ٻانهي منهنجي نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درود پڙهيو، تون ان ٻانهي تي درود موڪل، بَس اهو ملائڪ قيامت تائين ان ٻانهي تي درود موڪليندو رهندو آهي. (اَلۡقَوۡلُ الۡبَدِيع، صفحہ:121۔) ❁ علّامہ قرطبي رَحۡمَۃُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪو شخص سورة بقره ۽ سورة آلِ عمران پڙهندو آهي تہ اللّٰه پاڪ ان جي ثواب مان ملائڪ بڻائيندو آهي، جيڪي قيامت جي ڏينهن ان تلاوت ڪرڻ واري جي شفاعت ڪندا.

(التذکره للقرطبی،صفحہ:317۔ )

معلوم ٿيو: انسانن جا نيڪ ڪمَ، نيڪ گفتگو، درود شريف پڙهڻ ۽ تلاوت ڪرڻ سان ملائڪ پيدا ٿيندا آهن. ڪاش! اسان ڪثرت سان تلاوت ڪرڻ وارا، ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ، صرف ۽ صرف چڱيون ڳالهيون ڪرڻ ۽ نيڪ

ڪم ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

آہ! پلّے نہ کچھ تلاوت ہے
نہ دُرُوددوں کی کوئی کثرت ہے
آہ! عصیاں کی خُوب کثرت ہے
یانبی! التجائے رحمت ہے
ایسی عصیاں کی پڑگئی لت ہے
پھر وُہی بعدِ توبہ حالت ہے
آنکھ نم ہے نہ کچھ ندامت ہے
آہ! اعمال کی یہ شامت ہے

(وسائلِ بخشش،صفحہ:685۔)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# نيڪ سيرت بڻجڻ جي دعا

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ۾ ۽ ملائڪن ۾ هزار طرح جا فرق (***Differences***) آهن ❁ ملائڪ نور مان پيدا ٿيندا آهن ۽ اسان مٽيءَ مان ❁ ملائڪ کائيندا پيئندا ناهن ۽ اسان کائڻ پيئڻ جا محتاج آهيون ❁ اسان جي زندگي عارضي (***Temporary***) آهي جڏهن ته ملائڪن ۾ تمام گهڻو فرق آهي، باقي! شريعت ۾ هن ڳالهه جي ترغيب (***Motivation***) ڏني وئي آهي ته اسان ملائڪن جي مشابهت اختيار ڪيون، ملائڪن وارا اخلاق اپنايون، ملائڪ جيڪي ڪم ڪندا آهن، جيڪڏهن اسان جي طاقت ۾ هجن ته اهي ڪم ڪندا ڪريون.

سورة فاتحہ ۾ اسان دعا ڪندا آهيون:

اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ۝۵

(سيپارو: 1سورة فاتحه: آيت: 5)

ترجمو ڪنزالعرفان: اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ.

هي صراطِ مستقيم ڇا آهي؟

صِرَاطَ الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ ۙ۬
(سيپارو: 1سورة فاتحه: آيت: 6)

ترجمو كنز العرفان: انهن ماڻهن جو رستو جن تي تو احسان ڪيو

سلطانُ المُفسرين حضرت عبدُ الله بن عباس رَضِیَ اللہ عَنْہ جي فرمان جي مطابق اهي جن تي انعام ٿيو، انهن ۾ ملائڪ بہ شامل آهن. (تفسير طبری،پاره:1،سورۂ فاتحہ،زيرِ آيت:6 ،جلد:1،صفحہ:106۔) ڇڻ اسان هيئن دعا ڪندا آهيون: اي الله پاڪ! اسان کي ملائڪن جي رستي تي هلاءِ، ملائڪن وارا اخلاق عطا فرماءِ! ملائڪن واريون صفتون (*Qualities*) عطا فرماءِ ملائڪ تنهنجا فرمانبردار آهن، اسان کي بہ پنهنجي اطاعت ۽ فرمانبرداري جي توفيق عطا فرماءِ اي ربِّ ڪريم! ملائڪ گناهن کان معصوم آهن، اسان کي بہ گناهن کان محفوظ فرماءِ.

## ملائڪن جهڙيون صفون بڻايو!

قرآنِ ڪريم جي هڪ سورة آهي: سورة صافّات، ان مبارڪ سورة جي پهرين آيت ۾ الله پاڪ فرمايو:

وَ الصّٰٓفّٰتِ صَفًّا ۙ﴿۱﴾
(سيپارو: 23، سورة صافّات: آيت: 1)

ترجمو كنز العرفان: انهن جو قَسم جيڪي باقاعده صفون ٻڌل آهن.

حضرت عبدُ الله بن مسعود رَضِیَ اللہ عَنْہ فرمائن ٿا: هتي صفون ٻڌڻ وارن مان مراد ملائڪ آهن. (تفسيرِ خازن ،پاره:23 ،سورۂ صافات،زيرِ آيت:1،جلد:4،صفحہ:15۔) حضرت جابر بن سَمُره رَضِیَ اللہ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تشريف ڪٺي آيا ۽ فرمايائون: توهان ايئن صف ڇونہ ٿا ٺاهيو، جيئن ملائڪ ٺائيندا آهن. اسان عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! ملائڪ ڪيئن صف

ٻڌائيندا آهن؟ فرمايائون: پهريان اڳين صف مڪمل ڪندا آهن ۽ خوب ملي ڪري بيهندا آهن.

(تفسير بغوی، پارہ:23 ،سورۂ صافات،زيرِ آيت:1،جلد:3 ،صفحہ:653۔)

معلوم ٿيو: ملائڪن جا اهي ڪمَ جيڪي اسان بہ ڪري سگهون ٿا، انهن ڪمن ۾ ملائڪن جي مشابهت (*Similarity*) اختيار ڪرڻ شريعت کي پسند آهي.

## الله پاڪ ٻانهي کي ملائڪ صفت ڏسڻ پسند فرمائيندو آهي

تفسير طبري ۾ آهي: مسلمانن جو ٻيو خليفو حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو معمول مبارڪ (*Schedule*) هو تہ جڏهن نماز پڙهائيندا هئا تہ نمازين کي فرمائيندا هئا: صفون سڌيون ڪيو! اي فلاڻا تون ٿورو اڳتي ٿي وڃ! اي فلاڻا! تون پوئتي ٿي وڃ! پوءِ فرمائيندا هئا: بيشڪ الله پاڪ توهان کي ملائڪن جيان ڏسڻ پسند فرمائيندو آهي.

(تفسير طبری،پارہ:23،سورۂ صافات،زيرِ آيت:166،جلد:10،صفحہ:29681 ملتقطًا۔)

پيارا اسلامي ڀائرو! هن روايت مان بہ معلوم ٿيو: ملائڪن جي مشابهت اختيار ڪرڻ سُنو آهي، الله پاڪ پسند فرمائيندو آهي تہ اسان انسان اهڙا ڪم ڪيون جهڙا ملائڪ ڪندا آهن.

## علم ڪيئن ملندو آهي؟

امام ابو طالب مڪي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ قُوّتُ القُلوب ۾ لکن ٿا: پهريان جي آسماني ڪتابن (*Heavenly Books*) مان هڪ ڪتاب ۾ آهي تہ الله پاڪ فرمايو: اي بني اسرائيل! هي نہ چئو تہ علم آسمان ۾ آهي، ان کي ڪير لاهي ايندو؟ هي نہ چئو تہ علم زمين جي تَري ۾ آهي، ان کي ڪير ڪڍي ايندو؟ بلڪ اَلْعِلْمُ مَجْعُولٌ فِيْ قُلُوْبِكُمْ يعني علم جو مقام تہ توهان جي دِل آهي،

تَاَدَّبُوا بَیۡنَ یَدَیَّ بِاٰدَابِ الرُّوۡحَانِیِّیۡنَ وَ تَخَلَّقُوۡا لِیۡ بِاَخۡلَاقِ الصِّدِّیۡقِیۡنَ اَظۡهَرُ الۡعِلۡمَ فِیۡ قُلُوۡبِکُمۡ

توهان منهنجي بارگاهه ۾ ملائڪن جهڙا آداب (*Manners*) اپنايو! صديقين جهڙا اخلاق اپنايو! مان توهان جي دلين ۾ علم جا چشما وهائي ڇڏيندُس.

(قوت القلوب،الفصل الحادى و الثلاثون،کتاب:العلم و تفضيله،جلد:1 ،صفحه:238ـ)

سُبۡحٰنَ اللّٰـه! پيارا اسلامي ڀائرو! ❁ علمِ دين هدايت جو ذريعو آهي ❁ (*Source of Guidance*) ❁ علمِ دين تمام فضيلتن جو اصل آهي ❁ علمِ دين دنيا ۽ آخرت جي ڀلائين جو مجمعو آهي ۽ هي علمِ دين ملندو ڪيئن آهي؟ اسان ملائڪن وارا آداب اپنايون، صدّيقين جهڙا اخلاق اپنايون تہ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! الله پاڪ فضل فرمائيندو ۽ اسان جي دلين ۾ علمِ دين جا چشما وهائي ڇڏيندو.

الله پاڪ اسان کي اهڙا آداب ۽ اخلاق ۽ پاڪيزه ڪردار نصيب فرمائي.

اٰمِیۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ملائڪن جي صفتن جو بيان

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي تہ جيترو انسان جي اختيار ۾ آهي، اوترو ملائڪن جهڙا وصف اختيار ڪرڻ، ملائڪن جهڙا ڪمَ ڪرڻ ۽ ملائڪن جهڙا آداب اپنائڻ جي ڪوشش ۾ لڳل رهون. اچو! ملائڪن جا ڪجھ ڪمَ ۽ آداب ٻڌون ٿا:

## (1): ملائڪ نماز پڙهندا آهن

ملائڪن جي پاڪيزه اخلاقن ۽ عادتن مان آهي تہ ملائڪ نماز پڙهندا آهن ۽ ڪثرت سان الله پاڪ جي حُضور سجدا ڪندا آهن. قرآنِ ڪريم ۾ بہ ان جو

ذڪر آهي. ۽ اسان جي نبيءِ، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ به ان جي خبر ڏني، **هڪ حديث شريف ۾ آهي: بيشڪ آسمانن ۾ 4 آڱرين جي برابر به جڳهه ناهي پر اتي ڪو نه ڪو ملائڪ پيشاني رکي، الله پاڪ جي حُضور سجدو ڪري رهيو آهي.**

(ترمذی،کتاب:الزہد،باب:فی قول النبی لو تعلمون...الخ،صفحہ:555،حدیث:2312۔ )

## ملائڪن جا موذن ۽ امام

پيارا اسلامي ڀائرو! ملائڪ نماز ته پڙهندا آهن، انهن جي نماز پڙهڻ جو انداز به نهايت خوبصورت (***Beautiful***) آهي. روايتن جي مطابق ❁ حضرت اسرافيل عَلَيْهِ السَّلَام ملائڪن جا موذن آهن، سندن 12 پيرا ڏينهن ۾ ۽ 12 پيرا رات جو اذان ڏيندا آهن ❁ (حُسْنُ التَّنَبُّہ لِمَا وَرَدَ فِي التَّشَبُّہ،و منہا: الامامۃ ،جلد:1،صفحہ:247۔) ❁ حضرت ميڪائيل عَلَيْهِ السَّلَام ۽ ڪجهه روايتن جي مطابق حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام ملائڪن جا امام آهن. (حُسْنُ التَّنَبُّہ لِمَا وَرَدَ فِي التَّشَبُّہ ،و منہا: الامامۃ ،جلد:1،صفحہ:247۔) ❁ جتي اسان جو ڪعبو شريف آهي، ان جي بلڪل سِڌ ۾ آسمان تي ملائڪن جو قبلو آهي، جنهن کي بَيْتُ الْمَعْمُور چوندا آهن، اتي ملائڪن جي جماعت ٿيندي آهي ۽ هڪ ڏينهن ۾ 70 هزار ملائڪ اتي نماز پڙهندا آهن، جيڪي هڪ ڀيرو پڙهي وٺندا آهن، پيهر ڪنهن به انهن جي واري ناهي ايندي ❁ (حُسْنُ التَّنَبُّہ لِمَا وَرَدَ فِي التَّشَبُّہ ،و منہا: الامامۃ ،جلد:1،صفحہ:248۔) ❁ هي ملائڪ صفون ناهيندا آهن، پهريان اڳين صف مڪمل ڪندا آهن، پوءِ پويان صف شروع ڪندا آهن، سڀ پاڻ ۾ ايئن ملي ڪري بيهندا آهن جو وچ ۾ جڳهه خالي ناهي رهندي ❁ (حُسْنُ التَّنَبُّہ لِمَا وَرَدَ فِي التَّشَبُّہ ،و منہا: اتمام الصف الاول في الصلاۃ ...الخ،جلد:1،صفحہ:258۔) ❁ هي 70 هزار ملائڪ جيڪي بَيْتُ الْمَعْمُور ۾ نماز پڙهي وٺندا آهن، جڏهن شام ٿيندي آهي ته هي زمين تي اچي ويندا آهن، ڪعبي شريف جو طواف ڪندا آهن ۽ پوءِ... (سُبْحٰنَ اللّٰہ!) بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيندا آهن، اسان جي پياري نبيءِ، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي

خدمت ۾ سلام عرض ڪندا آهن، پوءِ واپس موٽي ويندا آهن.
(حُسْنُ التَّنَبُّہ لِمَا وَرَدَ فِي التَّشَبُّہ ،و منہا: قصد البیت الحرام بالحج...الخ،جلد:1،صفحہ:361۔ )

سُبْحٰنَ اللّٰہ! پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا تہ شان آهي ملائڪن جو...!! ❁ ملائڪ بَيْتُ المَعمور ۾ باجماعت نماز ادا ڪندا آهن ❁ هي صفون ٺاهيندا آهن ❁ پهريان اڳين صف مڪمل ڪندا آهن ❁ صفن ۾ ملي ڪري بيهندا آهن ❁ حضرت اسرافيلعَلَيْهِ السَّلَام اَذان چوندا آهن ❁ حضرت ميڪائيلعَلَيْهِ السَّلَام يا حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام جماعت ڪرائيندا آهن ❁ پوءِ جڏهن ملائڪ نماز پڙهي وٺندا آهن تہ ڇا ڪندا آهن؟ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي ڪري اسان جي نبي، پياري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ سلام عرض ڪندا آهن.

ڪاش! اسان بہ هي صفتون (*Qualities*) اپنايون، اسان تي پنج نمازون فرض آهن ۽ هي نمازون مسجد ۾ باجماعت ادا ڪرڻ واجب آهن. ڪاش! اسان بہ مسجد ۾ تڪبيرِ اُولٰي سان، پهرين صف ۾ باجماعت نماز ادا ڪندا ڪيون، خوش نصيبي! نماز پڙهڻ کان بعد درود ۽ سلام پڙهڻ جي بہ سعادت نصيب ٿي وڃي، پوءِ ڇا تہ ڳالهہ آهي...!!

## نمازِ باجماعت جا فضائل

جيڪي خوش نصيبَ باجماعت نمازون پڙهندا آهن، پهرين صف حاصل ڪرڻ جي ڪوشش (*Efforts*) ڪندا آهن، نماز کان بعد ڪجهہ دير ويهي ڪري ذڪر ۽ درود پڙهندا آهن، ملائڪ انهن جي لاءِ مغفرت جون دعائون ڪندا آهن، جيئن تہ ❁ صحابيءِ رسول حضرت ابو اُمامہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: بيشڪ ملائڪ پهرين صف (وارن) تي درود موڪليندا (يعني انهن جي لاءِ مغفرت جون دعائون) ڪندا آهن. ❁ (مسند امام

احمد، جلد:9،صفحہ:198، حديث:22901۔) ۞ مسند امام احمد جي روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: بيشڪ ٻانهو (نماز کان فارغ ٿي ڪري) جيستائين مصلي تي ويٺو رهندو آهي، ملائڪ ان تي درود موڪليندا رهندا آهن ۽ ملائڪن جو درود هي آهي ته اهي چوندا آهن: اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لَهٗ، اَللّٰهُمَّ ارْحَمْهُ اي الله پاڪ! هن ٻانهي جي مغفرت فرماءِ هن تي رحم فرماءِ (مسند امام احمد،جلد:1، صفحہ:399 ،حديث:1232۔) ۞ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو مون تي درود پڙهندو آهي، ملائڪ ان جي لاءِ بخشش جي دعا ڪندا آهن، هاڻي ٻانهي جي مرضي آهي درود ٿورو پڙهي يا گهڻو.

(ابنِ ماجه ، ڪتاب:اقامة الصلاة والسنة فيہا،صفحہ:152 ، حديث:907۔)

اي عاشقانِ رسول! اندازو لڳايو! ملائڪ معصوم آهن، ڪڏهن گناهه ناهن ڪندا، ملائڪ الله پاڪ جا اطاعت گذار آهن، هي الله پاڪ جو قرب رکندا آهن، ڪيڏو خوش نصيب (*Lucky*) آهي اهو ٻانهو جنهن جي لاءِ ملائڪ مغفرت جون دعائون ڪري رهيا هوندا آهن، ملائڪ ان جي لاءِ الله پاڪ کان رحمت جو سوال ڪري رهيا هوندا آهن. ڪاش! اسان ملائڪن جون دعائون وٺڻ وارا بڻجي وڃون.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

عمل کا ہو جذبہ عطا یاالٰہی! | گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی!
میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت | ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی!
میں پڑھتا رہوں سنّتیں، وقت ہی پر | ہوں سارے نوافل ادا یاالٰہی!

(وسائلِ بخشش،صفحہ:102۔)

## (2): ملائڪن جون مختلف عبادتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو! بَيْتُ الْمَعْمُوْر ۾ روزانو 70 هزار ملائڪ نماز

پڙهندا آهن، هاڻي هي تہ 70 هزار آهن، باقي ملائڪ ڇا ڪندا آهن؟ اهي بہ نماز پڙهندا آهن. هڪ ڀيري مسلمانن جا ٻيا خليفا حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ عَنْہ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ هڪ منافق جي نماز نہ پڙهڻ جي شڪايت (**Complaint**) ڪئي، ان تي رسولِ اڪرم، نورِ مُجسّم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ستن آسمانن ۾ بيشمار ملائڪ آهن جيڪي نماز پڙهندا آهن، لهٰذا الله پاڪ کي فلاڻي منافق جي نمازن جي ڪا پرواهہ ناهي. حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ عَنْہ عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! ملائڪن جي نماز ڪيئن آهي؟ ان تي رسولِ خدا، احمدِ مجتبٰي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ خاموشي اختيار فرمائي، ڪجهہ دير ڪان بعد حضرت جبرائيلِ اَمين عَلَیْہِ السَّلَام حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: يا رسولَ الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! عُمرَ کي منهنجو سلام چئو ۽ انهن کي ٻڌايو تہ پهرين آسمان جا ملائڪ سجدي ۾ آهن ۽ قيامت تائين سجدي ۾ ئي رهندا، ٻئي آسمان وارا ملائڪ رڪوع ۾ آهن ۽ قيامت تائين رڪوع ۾ ئي رهندا، ٽئين آسمان وارا ملائڪ قيام ۾ آهن ۽ قيامت تائين قيام ۾ ئي رهندا.

(تنبيه الغافلين،باب الصلوات الخمس، صفحہ:159 ملتقطًا۔ )

فقيہ ابو الليث سمرقندي رَحْمَۃُ اللہ عَلَیْہ لکن ٿا: الله پاڪ 7 آسمان پيدا فرمايا، جيڪي ملائڪن سان ڀَريل آهن، هي ملائڪ نماز پڙهندا آهن ۽ گهڙي ڳن جي لاءِ بہ سُستي ناهن ڪندا، هر آسمان جي ملائڪن جي عبادت مختلف آهي، هڪ آسمان جا ملائڪ قيام ۾ آهن، هڪ آسمان جا ملائڪ سجدي ۾ آهن ۽ عرش کڻڻ وارا ملائڪ الله پاڪ جي حمد ۽ ثناء (**Praise**) ۾ مصروف آهن. وڌيڪ فرمائن ٿا: اسان مسلمانن تي، اسان غلامانِ مصطفٰي تي الله پاڪ ڪرم فرمايو جو ملائڪن جي انهن مختلف قِسم جي عبادتن کي اسان جي نماز ۾ جمع فرمائي ڇڏيو.

(تنبيه الغافلين،باب الصلوات الخمس، صفحہ:159 ملتقطًا۔)

الله پاڪ اسان کي توفيق عطا فرمائي، اسان ملائڪن جي نقل ڪيون، قيام به ڪيون، رڪوع به ڪيون، سجدا به ڪيون ۽ الله پاڪ جي حمد ۽ ثناء به ڪندا ڪريون.

## اَڄ سجدي جي رات آهي

مشهور عاشقِ رسول، تابعي بزرگ حضرت اُويس قَرني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو معمول مبارڪ هو، پاڻ رات جو عشاء جي نماز کان فارغ ٿي ڪري فرمائيندا هئا: اڄ قيام جي رات آهي، پوءِ سڄي رات قيام ۾ گذاري ڇڏيندا هئا، اڳئين رات چوندا هئا: اڄ رڪوع جي رات آهي، پوءِ سڄي رات رڪوع ۾ گذاري ڇڏيندا هئا، ٽئين رات فرمائيندا هئا: اڄ سجدي جي رات آهي، پوءِ سجدي ۾ مٿو رکندا ۽ سڄي رات سجدي ۾ گذاري ڇڏيندا هئا.

(تذکرۃ الاولیا،صفحہ:31۔ )

مِرے دِل سے دنیا کی چاہت مِٹا کر
کر اُلفت میں اپنی فنا یااِلٰہی!

عبادت میں گزرے مری زندگانی
کرم ہو کرم یاخدا یااِلٰہی!

تُو اپنی وِلایت کی خیرات دیدے
مِرے غوث کا واسطہ یااِلٰہی!

(وسائلِ بخشش،صفحہ:105۔)

## (3): ملائڪ ۽ چاشت جي نماز

پيارا اسلامي ڀائرو! ملائڪن جو هڪ پيارو وصف (*Quality*) آهي جو هي چاشت جي نماز به پڙهندا آهن، جيئن ته حضرت عبدُ الله بن زيد رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مون الله پاڪ جي بارگاھ ۾ سوال ڪيو ته منهنجي اُمّت تي چاشت جي نماز فرض ڪئي وڃي. الله پاڪ فرمايو: (اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ!) هي ملائڪن جي نماز آهي، بَس اوهان جي اُمّت مان

جيڪو چاهي هي نماز پڙهي، جيڪو نہ چاهي نہ پڙهي (يعني چاشت جي نماز فرض ناهي، نفل آهي).

(حُسْنُ التَّنَبّہ لِمَا وَرَدَ فِي التَّشَبّہ ، جلد:1 ،صفحہ:264۔ )

الله پاڪ اسان کي بہ ملائڪن واري نماز يعني چاشت جا نوافل پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

## اشراق ۽ چاشت جي فضيلت تي 3 حديثون

اشراق ۽ چاشت جا نوافل پڙهڻ جا ڪوڙ فضائل آهن: (1): پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ نمازِ اشراق جي فضيلت بيان ڪندي فرمائن ٿا: جيڪو نمازِ فجر باجماعت ادا ڪري ذِڪرُ الله ڪندو رهي ايستائين جو سج اُيري وجي پوءِ 2 رڪعتون پڙهي تہ ان کي حج ۽ عمري جو ثواب ملندو (ترمذی ، ابواب السفر ، باب ماذکر مما یستحب من الجلوس ،صفحہ: 171، حديث :586۔) (2): ابوداؤد شريف جي روايت ۾ آهي: جيڪو شخص نمازِ فجر کان فارغ ٿيڻ کان بعد پنهنجي مصلي تي (يعني جتي نماز پڙهي) ويٺو رهي ايستائين جو اشراق جا نفل پڙهي وني، صرف ڀلائي جي ڳالهہ ئي ڪري تہ ان جا گناهہ بخشيا ويندا جيتوڻيڪ سمنڊ جي جهڳ (***Foam of sea***) کان بہ وڌيڪ هجن. (ابوداود ، کتاب الصلاۃ ، باب صلاۃالضحی ، صفحہ:211 ، حديث :1287۔) (3): ترمذي شريف جي حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن چاشت جون 12 رڪعتون پڙهيون، الله پاڪ ان جي لاءِ جنّت ۾ سون جو محل (***Palace of Gold***) ٺاهيندو.

(ترمذی،کتاب الوتر،باب ماجاء فی صلاۃ الضحی،صفحہ:141،حديث:473۔)

بنادے مجھے نیک نیکوں کا صَدقہ
گناہوں سے ہر دم بچا یاالٰہی!

عبادت میں گزرے مری زندگانی
کرم ہو کرم یاخدا یاالٰہی!

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب          صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (4): ملائڪ نماز جي لاءِ جاڳائيندا آهن

اي عاشقانِ رسول! ملائڪن جو هڪ پيارو وصف هي به آهي ته ملائڪ ٻانهن کي نماز جي لاءِ جاڳائيندا آهن. مُعجَمِ اَوسط ۾ حضرت عبدُ الله بن مسعود رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، رسولِ خدا، احمدِ مجتبٰي صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جڏهن ٻانهو رات جو نماز جي لاءِ اٿڻ جي ارادي (*Intention*) سان سمهندو آهي ته (ان جي اٿڻ جي وقت) ملائڪ اچي ڪري چوندو آهي: اُٿ! صبح ٿي وئي، نماز پڙهه ۽ الله پاڪ جو ذڪر ڪر. پوءِ پاسي شيطان چوندو آهي: اجان رات گهڻي آهي، ترسي ڪري اٿجانءِ. جيڪڏهن (ٻانهو ملائڪ جي ڳالهه مڃي) اُٿي ڪري نماز پڙهي ته اهو چُست (*Active*) ٿي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن شيطان جي ڳالهه مڃي ڪري سُتل رهيو ته شيطان ان جي ڪَن ۾ ناپاڪي ڪري ويندو آهي.

(معجم اوسط،جلد:6،صفحه:146، حديث:8293ـ )

حضرت ابنِ زياد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي متعلق منقول آهي: پاڻ هر خميس جو جاڳي ڪري عبادت ڪندا هئا، هڪ ڀيري انهن کي ننڊ اچي وئي، پاڻ پنهنجي گهر واري (*Wife*) کي فرمايائون: مون کي ننڊ اچي رهي آهي، مون کي فلاڻي وقت جاڳائي ڇڏجو. گهر واريءَ هامي ڀري ورتي، جيئن ته پاڻ سمهي رهيا، رات جو جڏهن ڪيس اٿٽو هو، ان وقت سندن خواب ۾ ڪو آيو، ان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي پيشاني (*Forehead*) مان پڪڙي ڪري چيو: اي ابنِ زياد! اُٿو! الله پاڪ جو ذڪر ڪري وٺو!

(حلية الاوليا،جلد:2،صفحه:277، حديث:2218ـ)

سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! مسلمانن کي نماز جي لاءِ جاڳائڻ ملائڪن جو طريقو (*Method*) آهي وڏيڪ فضيلت جي ڳالهه هي آهي ته نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي به پياري

سنّت آهي. الحمد لله! دعوتِ اسلامي وارا عاشقانِ رسول اڄوڪي دور ۾ هن سنّت کي بہ زندھ ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن. توهان بہ ڪوشش ڪندا ڪيو! نمازِ فجر جي لاءِ مسلمان ڀائرن کي جاڳائيندا ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جون ڪوڙ برڪتون (***Blessings***) ملنديون.

لگا فجر میں بھائی گھر گھر پہ جا کر | ذرا دل لگا کر صدائے مدینہ

نوٽ: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ صداءِ مدينہ کي هاٽي فجر جي لاءِ جاڳائڻ چيو ويندو آهي.

## (5): ملائڪ نيڪي جي دعوت ڏيندا آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! ملائڪ نيڪي جي دعوت بہ ڏيندا آهن. جيئن تہ حضرت ابو درداء رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، رسولِ اڪرم، نورِ مُجسّم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جڏهن سج اڀرندو آهي تہ 2 ملائڪ چوندا آهن: اي انسانو! پنهنجي ربَّ (جي رضا وارن ڪمن) جي طرف وَڌو...!! بيشڪ ٿورو ۽ ڪفايت جيترو مال ان مال کان بهتر (***Better***) آهي جيڪو هلاڪت (***Devastation***) ۾ وجهي ڇڏي.

(مسند ابن ابی شیبہ،جلد:1، صفحہ:48، حدیث:36 ملتقطًا۔)

حضرت عَمرو بن حزم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي توبهہ جو واقعو بيان ڪندي فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان ڪوفي جي جهنگلَ مان گذري رهيو هيس، منهنجي دل ۾ گناھ جو خيال آيو، جڏهن مان ان گناھ جي طرف وڌڻ لڳُس تہ هاتِفِ غيبي (يعني غيب مان ڪنهن ملائڪ) جو آواز آيو:

(حُسْنُ التَّنَبّہ لِمَا وَرَدَ فِي التَّشَبّہ، و منہا:الوعظ والنصیحت، جلد:1،صفحہ: 380۔)

كُلُّ نَفْسٍۭ بِمَا كَسَبَتْ رَهِيْنَةٌ ﴿۳۸﴾

(سيپارو: 29، سورة مدثر: آيت: 38)

ترجمو ڪنزالعرفان: هر ساھ پنهنجي ڪيل عملن ۾ گروي رکيل آهي.

## نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي فضيلت

سُبْحٰنَ اللّٰـه! پيارا اسلامي ڀائرو! ملائڪ نيڪي جي دعوت ڏيندا آهن. ڪاش! اسان به نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائيندا ڪيون. هڪ ڀيري حضرت موسٰي عَلَيهِ السَّلَام الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: اي الله پاڪ! جيڪو پنهنجي ڀاءُ کي نيڪي جو حڪم ڏي ۽ بُرائي کان منع ڪري ان جي جزاء ڇا آهي؟ الله پاڪ ارشاد فرمايو: مان ان جي هر هر ڪلمي جي بدلي هڪ سال جي عبادت جو ثواب لکندو آهيان ۽ ان کي جهنّم جي سزا ڏيڻ ۾ مون کي حياء ايندي آهي.

(مكاشفة القلوب، صفحہ:48۔)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ملائڪن جون ڪجھ وڏيڪ صفتون

پيارا اسلامي ڀائرو! ملائڪن جون ٻيون به ڪوڙ صفتون آهن جهڙوڪ ❁ ملائڪ الله پاڪ جو ذڪر ڪثرت سان ڪندا آهن ❁ ملائڪ ذڪر جي محفلن ۾ شريڪ ٿيندا آهن (حُسْنُ التَّنَبّه لِمَا وَرَدَ فِي التَّشَبّه ،و منها: محبة مجالس الذكر...الخ،جلد:1،صفحہ:228۔) ❁ ملائڪ نمازين، روزيدارن، رات جو تلاوت ڪرڻ وارن ۽ باوضو سمهڻ وارن جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا آهن ❁ ملائڪ نيڪ ماڻهن جي جنازي ۾ شريڪ ٿيندا آهن

( حُسْنُ التَّنَبّه لِمَا وَرَدَ فِي التَّشَبّه ،و منها:حضور عبد المؤمن ،جلد:1،صفحہ:467۔ )

## ملائڪ ذڪرِ مصطفٰي ڪندا آهن

ملائڪ ڪثرت سان ذڪرِ مصطفٰي ڪندا آهن ايستائين جو هڪ روايت ۾ آهي: اِنَّ الْمَلَائِكَةَ تَذْكُرُهُ فِي كُلِّ سَاعَاتِهَا بيشڪ ملائڪ هر گهڙي مصطفٰي جانِ رحمت

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ياد ڪندا، سندن ذڪرِ خير ڪندا رهندا آهن.
(حُسْنُ التَّنَبّہ لِمَا وَرَدَ فِی التَّشَبّہ ،و منہا: الاکثار من ذکرہ ...الخ،جلد:1،صفحہ:376۔)

سبحان الله! ڪاش! اسان به هي وصف اپنايون، اٿندي، ويهندي، هلندي ڦرندي، کائيندي، پيئندي، ڪم ڪار ڪندي، هر وقت، هر گھڙي ڪهڙي نه ڪهڙي انداز ۾ ذڪرِ مصطفٰي، يادِ مصطفٰي ڪندا ئي رهندا آهن.

| | |
|---|---|
| اُن کی یادوں میں کھو جایئے! | مصطفٰے، مصطفٰے کیجئے! |

(وسائلِ بخشش،صفحہ:506۔ )

۽ اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

| | |
|---|---|
| جو نہ بُھولا ہم غریبوں کو رضا | یاد اس کی اپنی عادت کیجئے! |

حدائقِ بخشش ،صفحہ:198۔

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ملائڪ علائمن سان محبت ڪندا آهن

ملائڪن جون وڌيڪ صفتون ٻڌندا! ۞ ملائڪ عُلماءِ دين سان محبت ڪندا آهن ۽ عُلماءِ ڪرام سان دوستيءَ ۾ رغبت رکندا آهن.
(حلية الاولياء،جلد:1 ،صفحہ:424 ،حديث:1219۔)

هتي غور ڪرڻ جي ڳالھ آهي! اسان جا دوست ڪير آهن؟ اسان ڪنهن سان اٿون ويهون ٿا؟ ڇا اسان به عُلماءِ ڪرام سان دوستي رکندا آهيون. ڇا اسان جي موبائل ۾ ڪنهن عاشقِ رسول، عالِمِ دين، مفتيءِ اسلام جو نمبر آهي؟ شايد اڪثر جو جواب نه ۾ اچي. ملائڪ عُلماءِ ڪرام سان دوستي رکندا آهن، اسان ڪي به گھرجي ته اسان عُلماءِ ڪرام سان دوستي رکون، عاشقانِ رسول عُلماءِ ڪرام سان تعلقات (***Relationship***) وڌائيندا سين، انهن سان دوستي ڪنداسين ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دنيا به بهتر ٿيندي، علمِ دين به سکڻ جي لاءِ ملندو رهندو،

گناهن کان بچڻ جو سامان به ٿيندو ۽ الله پاڪ چاهيو ته قيامت جي ڏينهن به بيڙو پار ٿيندو.

هم کو اے عطّار سُنّی عالموں سے پیار ہے | اِنْ شَآءَ الله! دو جہاں میں اپنا بیڑا پار ہے

## ملائڪ پاڻ ۾ ڀائر آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! ❁ ملائڪ هميشه سچ ڳالهائيندا آهن، ڪڏهن به ڪوڙ ناهن ڳالهائيندا ❁ ملائڪ پاڻ ۾ وڙهندا ناهن، حسد (***Jealousy***)، ساڙ، بغض (***Hatred***) ناهن رکندا بلڪ تمام ملائڪ پاڻ ۾ ڀائرَ بڻجي ڪري رهندا آهن، جي ها! الله پاڪ جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهم جي وچ ۾ ڀائيچارو (***Brotherhood***) قائم ڪندي فرمايو: وَمُؤَاخٍ بَيْنَكُمْ كَمَا آخَى اللهُ بَيْنَ الْمَلَائِكَةِ مان توهان جي وچ ۾ اهڙو ڀائيچارو قائم ڪندو آهيان، جيئن الله پاڪ ملائڪن کي ڀائرَ بڻايو آهي.

(معجمِ ڪبير، جلد:3، صفحه:330، حديث:5001۔)

هاڻي اسان وٽ ته سَڳا ڀائرَ به پاڻ ۾ ڀائرَ بڻجي ناهن رهندا، جهيڙا، جهڳڙا، بغض، ڪينو، حسد، ساڙ، پيسن تي ويڙهه (***Money Rift***)، اَنا جي ويڙهه، جائيداد جي ويڙهه (***Property Fights***)، ننڍن ننڍن ڳالهين تي هڪٻئي سان وڙهندا رهندا آهيون، الله پاڪ اسان کي جهيڙي جهڳڙي کان محفوظ فرمائي. اسان مسلمان آهيون ۽ مسلمان پاڻ ۾ ڀائرَ آهن، الله پاڪ فرمائي ٿو:

اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ اِخْوَةٌ
(سيپارو: 26، سورة حجرات: آيت: 10)

ترجمو ڪنزالعرفان: مسلمانَ ته صرف ڀائرَ آهن.

ان ڪري اسان کي گهرجي ته اسان ملائڪن وارو وصف اپنايو، جهيڙن

جهڳڙن کان بچون ۽ پائرَ ٻڌجي ڪري پيار محبت سان رهندا ڪيون.

| | |
|---|---|
| کوئی جھاڑ دے تب بھی نرمی برتنا | کئے جانا صَبر اَجر اِس میں بڑا ہے |

(وسائلِ بخشش ،صفحہ:455۔)

## ملائڪ اولياءِ ڪرام سان محبت ڪندا آهن

ملائڪن جون وڌيڪ صفتون ٻڌندا! ملائڪ نيڪ ماڻهن سان، اولياءِ ڪرام سان محبت ڪندا آهن، جي ها! قرآنِ ڪريم ۾ آهي، ملائڪ نيڪ ماڻهن کي چوندا آهن:

| | |
|---|---|
| نَحْنُ اَوْلِيٰٓؤُكُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِي الْاٰخِرَةِ ۚ<br>(سيپارو: 24، سورة حم سجده: آيت: 31) | ترجموڪنزالعرفان: اسان دنيا جي زندگي ۾ ۽ آخرت جي زندگي ۾ توهان جا دوست آهيون. |

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اسان کي بہ نيڪ ماڻهن سان، اولياءِ ڪرام سان محبت آهي ❁ هر عاشقِ رسول سان محبت آهي ❁ اسان غوثِ پاڪ سان بہ محبت ڪندا آهيون ❁ خواجہ اجمير سان بہ محبت ڪندا آهيون ❁ داتا حضور سان بہ محبت ڪندا آهيون ❁ بابا فريد سان بہ محبت ڪندا آهيون ❁ شاهہ رڪنِ عالَم سان بہ محبت ڪندا آهيون ❁ سلطان باهو سان بہ محبت ڪندا آهيون ❁ اللّٰه پاڪ جو فضل آهي جو اسان کي اعلٰي حضرت سان بہ محبت آهي ❁ تمام اولياءِ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم سان محبت آهي ۽ هي محبت چو نہ هجي جو ملائڪ بہ اولياء سان محبت ڪندا آهن ۽ الحمد لله! اسان جو پيارو اللّٰه پاڪ بہ اولياءِ ڪرام سان پيار فرمائيندو آهي.

| | |
|---|---|
| ہم کو سارے اولیا سے پیار ہے | اِنْ شَآءَ اللّٰہ اپنا بیڑا پار ہے |

## ملائڪ خوفِ خدا وارا آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! ❁ ملائڪن جي صفتن مان آهي تہ ملائڪ عمامو ٻڌندا

آهن. (معجمِ کبير،جلد:6،صفحہ:222 ،حديث:13237۔) غزوهٔ بدر ۾ مسلمانن جي مدد جي لاءِ ملائڪ عمامو ٻڌي ڪري نازل ٿيا. (سبل الهدى والرشاد، جماع ابواب المغازى، الباب السابع فى بيان غزوة بدر ، جلد:4، صفحہ:44۔) اسان کي بہ عمامي جو تاج سجائڻ گهرجي ❁ ملائڪ نيڪ صالح مسلمانن مريضن جي عيادت بہ ڪندا آهن. (شعب الايمان،جلد:3،صفحہ:84 ،حديث:2953۔) اسان کي بہ مسلمانن جي عيادت ڪرڻ گهرجي ❁ ملائڪ حياء وارا آهن (حُسْنُ التَّنَبّہ لِمَا وَرَدَ فِي التَّشَبّہ ،و منہا:الحياء و غض البصر،جلد:1،صفحہ:471۔) اسان کي بہ حيادار بڻجڻ گهرجي ❁ ملائڪ خوفِ خدا وارا آهن (حُسْنُ التَّنَبّہ لِمَا وَرَدَ فِي التَّشَبّہ، ومنہا:شدة الخوف من اللہ...الخ،جلد:1،صفحہ:478۔) ملائڪ اللّٰه پاڪ جي خفيہ تدبير کان ڊڄندا آهن ۽ اللّٰه پاڪ جي خفيہ تدبير کان ڊڄندي لڙڪ بہ وهائيندا آهن، ڪاش! اسان کي بہ خوفِ خُدا ۾ روئڻ، لڙڪ وهائڻ نصيب ٿي وڃي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اجتماع

پيارا اسلامي ڀائرو! ملائڪ جهڙي وصف اپنائڻ، گناهن کان بچڻ ۽ نيڪين تي استقامت ماڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي چڙهي ڪري حصّو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جون بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم هفتيوار اجتماع پڻ آهي. اچو! هفتيوار اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت (*Participation*) ڪرڻ جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## گناهن ڀري زندگيءَ ۾ مدني انقلاب

ڪراچي (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاء جو بيان آهي: دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان مان گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هيس،

دنياوي لذّتن ۾ مصروف رهڻ منهنجي عادت هئي، بُرن دوستن جي صحبت (***Company***) مون کي اجان بگاڙي ڇڏيو هو، دوستن سان ملي ڪري سڄي رات گناهن جو سلسلو جاري رهندو هو، هڪ ڀيري هڪ اسلامي ڀاء مون کي مغرب جي وقت نماز جي دعوت ڏني، خبر ناهي ان جي دعوت ۾ ڪهڙو اثر هو جو مان بہ ان سان مسجد ڏانهن آيس، مغرب جي نماز پڙهي، نماز کان پوءِ هڪ اسلامي ڀاء فيضان سنّت مان درس ڏنو، درس کان فوراً بعد اسلامي ڀائرن هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ وڃڻ جون تياريون شروع ڪري ڏنيون. هڪ اسلامي ڀاء مون کي بہ اجتماع ۾ شرڪت جي ترغيب ڏياري، انهن جو انداز اهڙو تہ پيارو هو جو مان فوراً هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ تيار ٿي ويس، پوءِ جلد ئي اسلامي ڀائرن سان ملي ڪري عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ جي فضائن ۾ پهچي ويس، اتي سنّتن ڀريو بيان ٻڌو، ذِڪرُ الله ۾ مصروف رهيس، پوءِ رقّت انگيز دعا ٿي. الحمدلله! دعوت اسلامي جي هفتيوار اجتماع ۽ عاشقان رسول جي صحبت جو مون تي اهڙو اثر (***Effect***) ٿيو جو مون دعا جي دوران روئي روئي ڪري پنهنجي گناهن کان توبهہ ڪئي ۽ آينده زندگي نيڪين ۾ گذارڻ جي پڪي نيّت ڪئي، مون تي هڪ عجيب نندڊ جو خمار هو اجتماع کان واپسي کان بعد مون نمازن جي پابندي شروع ڪري ڇڏي ۽ نيڪين ڀري زندگي گذارڻ ۾ مصروف ٿي ويس.

اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کر دیا دیکھو! | اندھیرا ہی اندھیرا تھا اُجالا کر دیا دیکھو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دارُالافتاء اهلِ سنّت ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي علمِ دين جو فيضان عام ڪرڻ

۾ مصروف آهي، دعوتِ اسلامي جي *I.T* ڊيپارٽمنٽ جي طرف کان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: **Darul Ifta Ahlesunnat** (دارُ الافتاء اهلِ سنّت). هن ايپليڪيشن ۾ توهان کي ملنديون: ڪيئي مذهبي ۽ معاشرتي سوالن جون تحريري فتوائون ❁ عقائد جي باري ۾ قرآن ۽ حديث جي بابت احڪام ❁ وضو، غسل ۽ ناپاڪي جا احڪام ❁ نماز جي باري ۾ مسائل ❁ ميت بابت مسائل ❁ مفتيانِ دعوتِ اسلامي جا اهم تربيتي ۽ معلوماتي وڊيو ڪلپس ۽ بيانات ❁ معاشرتي ۽ مذهبي پهلوئن تي رهنمائي ڪندڙ مختلف آرٽيڪلز ۽ ڪتابَ ❁ مفتيانِ ڪرام جا مختلف علمي، تربيتي ۽ شرعي معلومات تي مشتمل سلسلا ❁ تجارت ڪورس، فرض علوم ڪورس ۽ گهڻو ڪجهه. هي ايپليڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري وٺو! پاڻ بہ فائدو حاصل ڪيو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(تاريخ مدينه دمشق، جلد:9، صفحه:343۔)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

(تاريخ مدينه دمشق، جلد:9، صفحه:343۔)

## ننهن (ناخون) ڪٽڻ جون سنّتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: پنهنجا ننهن ڪٽيو چوتہ وڏن

ننهن تي شيطان ويهندو آهي.

(مسند فردوس، جلد:3، صفحہ:205، حديث:4579۔)

اي عاشقانِ رسول! ❁ جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽڻ مستحب آهي، ها جيڪڏهن وڌا تي ويا هجن ته جمعي جو انتظار نه ڪيو ❁ روايت ۾ هٿن جي ننهن ڪٽڻ جو جيڪو طريقو بيان ٿيو آهي ان جو خلاصو پيشِ خدمت آهي: پهريان ساڄي هٿ جي شهادت واري آڱر ڪان شروع ڪري ترتيبوار چيچ سميت ننهن ڪٽيا وڃن پر آڱوٺو ڇڏيو وڃي، هاڻي کاٻي هٿ جي چيچ ڪان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو، پوءِ هاڻي آخر ۾ سڄي هٿ جي آڱوٺي جو ننهن ڪٽيو وڃي ❁ پيرن جي ننهن ڪٽڻ جي ڪا ترتيب منقول ناهي، بهتر اهو آهي ته ساڄي پير جي چيچ ڪان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو پوءِ کاٻي پير جي آڱوٺي ڪان شروع ڪري چيچ سميت ننهن ڪٽيو. ❁ جنابت جي حالت (يعني غسل فرض ٿيڻ جي صورت ۾) ننهن ڪٽڻ مڪروهِ (تنزيهي) آهي. ❁ ڏند سان ننهن ڪٽڻ مڪروهِ (تنزيهي) ۽ ان سان برص (يعني ڪوڙهه) جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي. ❁ ننهن ڪٽڻ ڪان پوءِ انهن کي دفن ڪري ڇڏيو ۽ جيڪڏهن اڇلائي ڇڏيو تڏهن به حرج ناهي ❁ ڪٽيل ننهن بيتُ الخلا يا غسل خاني ۾ اڇلائڻ مڪروهِ (تنزيهي) آهن. جو ان سان بيماري پيدا ٿئي ٿي. ❁ اربع جي ڏينهن ننهن نه ڪٽڻ گهرجن، چو ته ڪوڙهه (*Vitiligo*) جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي البت جيڪڏهن 39 ڏينهن ڪان نه ڪٽيا هئا، اڄ اربع 40هون ڏينهن آهي جيڪڏهن اڄ نه ڪٽيا ته 40 ڏينهن ڪان وڌيڪ ٿي ويندا ۽ سياڻي 41 هون ڏينهن شروع ٿي ويندو ته ان تي واجب آهي ته اڄ جي ئي ڏينهن ڪٽي ان ڪري جو 40 ڏينهن ڪان وڌيڪ ننهن رکڻ ناجائز ۽ مڪروهِ تحريمي آهي. ❁ ڊگها ننهن شيطان جي نشست گاهه آهن يعني انهن تي شيطان ويهندو آهي. ❁ رات جو ننهن ڪٽڻ ۾ حرج ناهي.

( 550 سنتيں اور آداب، صفحہ:50-51۔ )

پيارا اسلامي ڀائرو! مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبۃُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي. اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پَروَردگار
سنّتوں کی تربیت کے قافِلے میں بار بار

جو بھی شیدائی ہے مدنی قافِلوں کا یاخدا!
دوجہاں میں اُس کا بیڑا پار فرما یاخدا!

(وسائل بخشش، صفحہ:635 ملتقطاً۔)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

# اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِالنَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

---

[1]... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1]... القول البديع، الباب الثانى، ص277

[2]... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455